مهر خادم

# سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ پيار ۽ محبت جي جذبي واري ڪيفيت

***Abstract***

*Sachal Sarmast has elegantly composed verses almost on every subject. His poetry has a perennial appeal to capture human sentiments. Every theme which he composed achieved an eternal status. So is the case with love, a global theme. Every brilliant and great verse – writer of East and West tried his best to paint this universal theme in his poetry. But Sachal Sarmast's presentation of love is unique and superb, poignant and universal intellectual and sublime. Sachal Saeen has touched theme of love greatly which is commendable in all respects. To him, love is the basis of life. With the colours of affection even ugly sides of life have sparkling beauty. It is interesting to note that he portrayed various forms and shapes of love in his verses. This great theme is the hall mark of his poetry. To love he has subjective as well as objective approach. The main objective of this research paper is to trace feelings of love in Sachal's poetry.*

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**سنڌ** جي عظيم صوفي شاعر، سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ انسان شناسيءَ جي حوالي سان ڪيترين ئي ڪيفيتون موجود آهن. انهن ڪيفيتن مان، سندس شاعريءَ ۾ هڪ ڪيفيت پيار، محبت جي جذبي واري ڪيفيت به آهي. لغت جي حوالي سان پيار جي معنيٰ هن طرح آهي.

پيارُ: ذ، محبت، قرب- پريم، حُب ، عشق. (1)

پيار ۽ محبت انسان جي فطري ڪيفيت آهي. پيار جا انيڪ روپ ٿين ٿا ۽ پيار مختلف رشتن سان واسطو رکندو آهي. پيءُ، ماءُ، ڀاءُ، ڀيڻ، اولاد، محبوبا، وطن،

ٻولي، مذهب وغيره سان پيار ۽ محبت ٿي سگهي ٿي. صوفين آڏو، مجاز حقيقت جي ُپل آهي، اهو ئي سبب آهي جو هر صوفيءَ جي شاعري ۾ مجازي محبوب نظر اچي ٿو. مجاز کان پوءِ ئي حقيقت جو رستو ورتو ويندو آهي. پيار ۽ محبت، انسانن، جانورن، پکين سان گڏوگڏ هر ساهه واري جي فطري ڪيفيت آهي. پيار ۽ محبت هر لحاظ کان احترام واري ڪيفيت آهي. پيار ۽ محبت ۾ انسان پنهنجي ڌن، دولت ۽ پنهنجي جان به لٽائي ڇڏيندو آهي. پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي به، پيار ۽ محبت کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. انسان، پنهنجي پيار جي اڳيان، پوريءَ طرح سان مجبور نظر ايندو آهي. سچل سائينءَ جي شاعريءَ ۾، پيار ۽ محبت واريون ڪيفيتون ڀرپور نموني سان تخليق ٿيل آهن. پيار ۽ محبت جا احساس مختلف رُخن سان پڙهڻ لاءِ ملن ٿا. سچل سائينءَ جي شاعريءَ جي حوالي سان، هن ڪيفيت ۾ پيار ۽ محبت بابت ڪيترائي احساس ملن ٿا. محبت جي پاڪيزگي، محبت جي جذبي جو اوچتو ظاهر ٿيڻ، جنهن لاءِ اڳواٽ ڪا به رٿ نه هوندي آهي. اڻ ڇهندڙ احساس خوبصورت تشبيهون ۽ محاورا پڻ هن ڪيفيت ۾ موجود آهن. ڪنهن به سگهاري شاعر لاءِ اهو ضروري هوندو آهي ته ُهو پنهنجي شاعريءَ ۾ نوان اڇوتا خيال، نيون تشبيهون، استعارا ۽ محاورا پنهنجي شاعريءَ ۾ تخليق ڪندو آهي. سچل سائينءَ پنهنجي تخليقي قوت ذريعي، پنهنجي شاعريءَ جو ردم ئي ٻين اڳين شاعرن کان مختلف بنائي ڇڏيو. پيار ۽ محبت واري ڪيفيت انسان جي اندر ۾ پاڪيزگي پيدا ڪندي آهي. هن ڪيفيت ۾ انسان آڏو نوان خيال ۽ نوان احساس اچن ٿا، جن کي پڙهي ضرور متاثر ٿجي ٿو.سچل سائينءَ جي سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي شاعريءَ ۾ پيار ۽ محبت واري ڪيفيت وارا شعر هيٺ ڏجن ٿا.

سچل سائينءَ جي سنڌي شاعريءَ ۾ محبت واري ڪيفيت جا انيڪ احساس ملن ٿا، جن جي پنهنجي فڪري حيثيت آهي. ڪيترائي اڻ ڇهيل احساس ۽ علامتون سندس شعرن ۾ موجود آهن.

## سنڌي ڪلام مان مثال:

منٺي ته محبت وارا، ڪندا ڪين ڪچي (2)

سچل سائينءَ جي هن شعر جو مفهوم آهي ته، سچي محبت ڪرڻ وارا ڪڏهن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

بہ پرمر نہ ٽوڙيندا آهن.  جنهن وٽ محبت جو ماڻُ هوندو آهيُ لهو ٻين جي عزت ڪرڻ چاهيندو آهي ۽ پنهنجي پيار ڪي تماشو نہ بڻائيندو آهي.

سَچُوءَ جو ڙي سرتيون! محبت من مَليو (3)

اي سرتيون! سَچُوءَ جو من محبت ئي صاف ڪيو آهي. محبت پاڪيزه جذبو آهي، جيڪو دلين جو مير صاف ڪندو آهي. هن شعر ۾ بہ سچل سائين محبت کي، من جي اجرائپ جو وسيلو سمجهي ٿو.

اچي اچانڪ اندر اسان جي حُبَ مچائي هولي (4)

يعني، محبت اوچتو ئي اوچتو اسان جي اندر ۾ اچي، هولي مچائي ڇڏي آهي. صوفين آڏو خدا تعاليٰ جي ذات، حقيقي محبوب جي طور تي ورتي ويندي آهي. ان جي ڪري ئي صوفي پهريان پنهنجي من کي اجرو بنائڻ لاءِ جدوجهد ۽ ڪشالا ڪڍندو آهي. هي صوفي درويش جيڪي چلا ڪڍندا آهن، اهي بہ من کيُ اجرو ڪرڻ لاءِ ۽ نفس کي قابو ڪرڻ لاءِ ڪڍيا ويندا آهن. پنهنجي رب کي راضي ڪرڻ ۽ ڏينهن رات ان کي ياد ڪرڻ سان سندن منُ اجرو ٿي پوندو آهي. صوفي نفس کي مارڻ ۽ مان کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪوششون وٺندو آهي.

محبت عشق موليٰ جي، گهٽا سي گهوٽ گهايا هئا،
ڪنيا جي موج محبت جي، لهي هن آر آيا هئا. (5)

يعني، موليٰ جي عشق ۽ محبت ۾ گهٽن ئي گهوٽن پنهنجا سِرَ قربان ڪيا، جن جي وجود ۾ محبت جي موج آئيُ لهي ئي هن رستي تي هلي پيا . خدا تعاليٰ سان عشق جي دعويٰ ڪرڻ جو مطلب پنهنجي سِرَ جو سانگو لاهڻ ئي آهي. صوفي شاعرن وٽ جڏهن محبت عشق جو روپ وٺندي آهي، تڏهن سندن سارو وجود هڪ حقيقي مالڪ جي ئي ورد ۾ رهندو آهي. ان وقت سندن وجود جي ڪا بہ پرواهہ نہ رهندي آهي. ُ لني ڪثرت وحدت بڻجي ويندي آهي.

توري توريندؤ ڪيترو محبت وارو ماڻ (6)

محبت جي ڪا بہ تور ۽ ماپ نہ ٿيندي آهي. محبت هڪ پاڪيزه جذبو ۽ ڪيفيت آهي، جنهن جي وزن ڪرڻ لاءِ اڄ تائين ڪو بہ ماڻ ۽ ماپو جُڙي نہ سگهيو آهي ۽ نہ ڪڏهن جُڙي سگهندو. سچل سائينءَ انهيءَ فڪر کي هن شعر ۾ ظاهر ڪيو آهي:

محبت ٻِڏي نہ ڪپي، خرچين لک هزار (7)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سچل سائينءَ هن شعر ۾ واضح ڪري ڇڏيو آهي ته، محبت گهرڻ سان نه ملندي آهي، توڙي پلي ڪوئي لکين هزارين رپيا خرچ ڪري ڇڏي. محبت پاڪيزه جذبو آهي، جيڪو ڪڏهن به ۽ ڪنهن سان به ٿي سگهي ٿو.

محبت ڪؤن تان منهن نه موڙيان، پرزا ٿيان هٿ جي مون.

گسي وجن توڙي گوڏا. (8)

هتي سچل سائين محبت سان سچائيءَ جي ڳالهه ڪري ٿو ته، مان محبت کان ڪڏهن به مُنهن نه موڙيندس، پلي هتي، پرزا پرزا ٿي وڃان يا هي توڙي گوڏا ئي گسي وڃن. جنهن به شخص جي من اندر محبت واسو ڪندي آهي، ته پوءِ اهو انسان مالي ۽ جسماني قربانيءَ کان نه ڪيٻائيندو آهي، پوءِ پلي ان کي ڪي جسماني ايذاءَ اچن يا ڪيس سِرَ جو ئي سودو ڪرڻو پوي.

محبت جي مهراڻ مؤن، جي مُلا چاش چکن،

ته ڪنز قدوري قافيہ، لهرن ۾ لوڙهن،

ڪن سلام صرف ڪي، هوند نحو نه نهارن

ٻَرڪ لاءِ تنهن ڳالهه جي، باس نه ٿا باسن. (9)

هن شعر ۾، سچل سائينءَ محبت کي، پنهنجي مهراڻ درياءَ سان ڀيٽ ڏني آهي، جيڪو سندس ئي ديس جو سنڌو درياهه جي نالي سان دنيا ۾ مشهور آهي ۽ پنهنجي موج سان وهندو آهي.ُ ان ئي نسبت سان، سچل سائين ڄاڻائي ٿو ته، جيڪڏهن مُلان، محبت جي مهراڻ مان چاش چکو ، ڪو هڪ ڍُڪ چکي وٺن ته، ڪنز قدوري قافيہ (فقہ جا ڪتابَ) لهرن ۾ لوڙهي ڇڏين. صرف کي سلام ڪن ۽ نحو ڏي نهارن به نه. اهڙي ڳالهه جي پروڙ لاءِ ڪوشش نٿا وٺن. هن شعر جو مفهوم اهو به محسوس ڪرائي ٿو ته، جنهن جي پاڪ محبت ٿئي ٿي، پوءِ اهو ٻين علمن کي به ڇڏي ڏئي ٿو. محبت ڪرڻ واري جي من ۾ هڪ ئي هستي جلوه گر رهي ٿي.

محبت جي مڪان ڪؤن، لاهوتي لنگهن،

واديءَ ۾ وحدت جي، ڪاهه پير ڌرن. (10)

يعني، جيڪي لاهوتي آهن، اهي ئي محبت واري رستي کان گذرن ٿا. داناءَ انسان ئي وحدت يعني هيڪڙائيءَ جي واديءَ ۾ پير رکن ٿا. سچل سائين هن شعر ۾

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڄاڻائي ٿو ته، محبت جي ميدان ۾ ُاهي ئي پير پائي سگهن ٿا، جيڪي سِرَ جو سانگو لاهيندڙ ۽ لا طمع آهن. وحدت، ربّ جي ذات جي صفت آهيُ ڻ واحد سان محبت جو رشتو ڳنڍڻ وارا داناءَ ئي ٿي سگهن ٿا، جيڪي دنيا جون لذتون ڇڏي، ذات پاڪ جي محبت اختيار ڪن ٿا.

جي اچين تان اچ، نہ تہ هِت ُپورن پڇاڙيو،
محبت ٻارو مچ، سيني منجھ سڄو جي. (11)

يعني، اي محبوب! جي توکي اچڻو آهي تہ آءُ، نہ تہ هِت اسان کي يادن نهوڙي ڇڏيو آهي. سچوءَ (سچل سرمست) جي سيني ۾ محبت، مچ ٻاريو آهي. هن شعر ۾ پيار ۽ انتظار واري ڪيفيت، سچل سائينءَ تخليق ڪئي آهي.

سچل سرمست جي سرائڪي شاعريءَ ۾ پنهنجو حسن ۽ فڪري گهرائي موجود آهي. سچل سائينءَ جي سرائڪي شاعريءَ ۾ بہ محبت واري ڪيفيت ڪيترن ئي نون خيالن سان پيش ٿيل آهي، جنهن ۾ پنهنجو ُحسن ۽ تخليقي سگهہ پسي سگهجي ٿي.

## سرائڪي ڪلام مان مثال:

غازيان نون غم ڪيها يارو، سِردا سانگ نہ ڪرَهي،
وچ ميدان محبت والي، مَرداني ٿي مَردي،
نال انهان َهي ٿيوي نہ پاڙا، جو هوون بيدردي،
سچل عاشق ايوين سڄاپن، رُوءِ جنهان دي زردي! (12)

غازيُ اهي آهن، جيڪي جان جي پرواهہ نٿا ڪن. محبت جي ميدان ۾ َمرد ٿي َمرن ٿا. جيڪي بيدرد آهن، شل انهن جي پاڙ ي ۾ بہ رهڻ نہ ٿئي. سچل سائين، هن شعر ۾ محبت ڪندڙ عاشقن جي علامت ٻڌائيندي چوي ٿو تہ، ٻِ يلن (هيڊن) چهرن مان ئي ، عاشق سڃاتا وڃن ٿا. هن شعر ۾ سچل سائينءَ عشق ۽ محبت ڪرڻ وارن جون نشانيون بہ ٻڌايون آهن، تہ انهن جا چهرا زرد هوندا آهن ۽ مرد ئي هِن ميدان ۾ پير پائيندا آهن. جيڪي محبت جي ميدان جا غازي هوندا آهنُ اهي پنهنجي جان جي پرواهہ نہ ڪندا آهن ۽ سچل سائين اهڙن ئي انسانن جي پاڙي ۾ رهڻ کي پسند ڪري ٿو.

نظر اسان ڪُون ڪوئي نہ آيا، محبت بنا ٻيا مال. (13)

يعني، اسان کي محبت کان سواءِ، ٻيو ڪو بہ ڌن دولت نظر نہ آيو. محبت ڪرڻ

وارا دنيا جي لالچ کي نہ ڏسندا آهن. انهن کي دنيا جي مال ۽ دولت سان ڪا بہ دلچسپي نہ هوندي آهي. ُ لن ئي ڪيفيت کي، سچل سائينءَ هن شعر ۾ ظاهر ڪيو آهي.

وچ ميدان محبت والي، نهين آوٽا نامردان. (14)

يعني، محبت واري ميدان ۾ نامرد نہ ايندا آهن. هن شعر ۾، سچل سائينءَ نامرد لفظ استعمال ڪيو آهي. مرُد بهادريءَ جي علامت آهي ۽ نامرد، ڊڄڻي ۽ بزدل جي علامت آهي. هن شعر ۾، سچل سائينءَ اهو بہ واضح ڪيو آهي تہ، محبت جي ميدان ۾ ڪو بہ بزدل يعني نا مرد پير نہ رکندو. محبت ڪرڻ بهادرن جو ئي ڪم آهي ۽ ُ هي ئي هن ميدان ۾ پير رکندا.

سچل سائينءَ جو اردو ڪلام پڻ شعري ُحسن رکي ٿو. سچل سائينءَ جي اردو ڪلام ۾ بہ، محبت واري ڪيفيت ۾، الڳ فڪر سمايل آهي. نموني جي طور هتي هڪ شعر ڏجي ٿو.

## اردو ڪلام مان مثال:

سچو نمانا کون ہے، دعوا کرے تیرے عشق کی،

وہ واہ اسی مسکین کون، تیری دوستی سلطان کیا(15)

يعني، سچو نماڻو ڪير ٿيندو آهي، جيڪو تنهنجي عشق جي دعويٰ ڪري! بس تنهنجي دوستيءَ ئي، هن مسڪين کي سلطان ڪيو آهي. دوستي وڏي طاقت آهي. جڏهن ڪنهن جو ساٿ ملي ويندو آهي تہ، انسان ايئن پائيندو آهي تہ، ڄڻ هو طاقتور بادشاهہ بڻجي ويو آهي. هن شعر ۾ سچل سائينءَ جي پنهنجي محبوب آڏو نماڻائي آهي، پاڻ کي ڪجهہ بہ نٿو سمجهي، پر دوستيءَ ۽ محبت جي ڪري پاڻ کي بادشاهہ سمجهي ٿو.

سچل سائينءَ جي فارسي ڪلام ۾ فڪري گهرائي وڌيڪ ئي سمايل آهي. تصوف جي حوالي سان تشبيهن، استعارن، ڪناين، تمثيلن ۽ علامتن جو بہ، سچل سائينءَ پنهنجي فارسي شاعريءَ ۾ تمام گهڻواستعمال ڪيو آهي. تصوف جي حوالي سان فڪري پختگي، صوفياء ڪرام جي زندگيءَ جي پيغام ۽ فڪر جي جهلڪ بہ، سچل سائينءَ جي فارسي شاعريءَ ۾ پسي سگهجي ٿي. پختا خيال ۽ تصوف جو روح، سچل سرمست جي فارسي شاعريءَ ۾ موجود آهي. سچل سائين خود صوفي شاعر هو،

هڪ سچي صوفي شاعر ڪي جيئن هئڻ گهرجي، سچل سائينءَ تيئن ئي زندگي گذاري. پنهنجي سماجي وهنوار ڪي تصوف سان ڳنڍي رکيو. پوري زندگيءَ ۾ سماج کان بيزار ۽ ڪناره ڪش ٿي ڪنڊ نہ وسايائين, پر پنهنجن ماڻهن سان ڏک سک ۾ گڏ رهيو. رستو بہ ٻڌائيندو رهيو. ان رستي جو ڏس بہ ڏيندو رهيو، جنهن رستي ۾ انسان جي ڀلائي ۽ ڇوٽڪارو آهي. عشق ۽ محبت جي لائق هستيءَ سان ئي اهو ناتو جوڙڻ جو درس، سچل سائينءَ جي شاعري ڏئي رهي آهي.

## فارسي ڪلام:

ڪہ چوں باجذبہ الفت رسی در عالم وحدت

پس انگہ در نظر یکساں بہ بینی زشت وزیبارا (16)

يعني، جڏهن تون، محبت جي جذبي سان، عالم وحدت تائين رسائي ڪرين وٺندن، تہ پوءِ، توکي چڱو ۽ برو هڪ جهڙو ئي نظر ايندو. ساري دنيا کي هڪ نظر سان ڏسڻ، سيني انسانن کي محبت جي نظر سان ڏسڻ سان ئي عالمي ڀائيچارو ۽ محبت جو جذبو جنم وٺندو آهي. هيءَ ساري مخلوقات الله تعاليٰ جي تخليق آهي ۽ ڪا بہ مخلوق بيڪار خلقيل نہ آهي. هر تخليق ۾ خدا جي مرضي ۽ محبت شامل آهي، ان ڪري ان سان محبت صوفي شاعرن جي زندگيءَ جو اهم پهلو آهي.

جز محبت ہمہ است گمراہی،

اے بجز درد زندگی ست عذاب۔ (17)

سچل سائين، پنهنجي هن شعر ۾ محبت ۽ درد کي سمجهائيندي فرمائي ٿو تہ، اي دوست! محبت کان سواءِ هر ڳالهہ گمراهيءَ جي ڳالهہ آهي ۽ درد کان سواءِ زندگي هڪ عذاب آهي. محبت ڪرڻ وارو ئي درد مان گذرندو آهي، اهو ئي شروعات ڪندو آهي. ضروري نہ آهي تہ، ڪيس محبت جي موٽ بہ، محبت سان ڏني وڃي. محبت ڪرڻ واري کي ئي محبوب جو فڪر ۽ لڪو ڪرڻو پوي ٿو.

جز محبت راہ دیگر نیست نیست

گرچہ شاہی تاج افسر نیست نیست۔ (18)

سچل سائينءَ، هن شعر ۾ محبت کي ئي هر ڪاميابيءَ جو رستو سڏيو آهي. سندس شعر جي مفهوم مطابق، محبت کان سواءِ ڪو بہ رستو نہ آهي ۽ محبت نہ ڪرڻ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

واري ماڻهوءَ جو مثال ائين آهي جيئن ڪوئي بادشاهه هجي، پر ان جي مٿي تي تاج نه هجي. ڪو به بادشاهه تاج کان سواءِ نمايان نه ٿي سگهندو آهي، ان ڪري بادشاهه لاءِ تاج ضروري هوندو آهي. هر ڪاميابيءَ لاءِ محبت ضروري آهي.

آشکارا زمی چه سرمست ست

دوستی آں جناب میدارد۔ (19)

يعني آشڪار، جيڪو ان طرح سرمست نظر اچي ٿو، ان جو سبب اهو آهي ته هو يار جي محبت جو شراب پيئندو آهي. صوفي شاعرن وٽ انگوري شراب جي اجازت نه آهي، پر ڪين محبت ۽ عشق جو شراب جائز آهي. سچل سائين به محبت واري شراب کي پاڻ لاءِ جائز سمجهي ٿو. هن شعر ۾سچل سائينءَ پاڻ لاءِ سرمست لفظ به استعمال ڪيو آهي.

نماز روزه بر عالم فرض شد،

شده برما محبت دوستی فرض۔(20)

سچل سائينءَ جو هيءُ شعر، سندس لاءِ محبت جي اهميت جي معنيٰ رکندڙ آهي. سيني ماڻهن تي نماز ۽ روزو فرض ڪيو ويو، پر اسان تي محبت ۽ دوستي فرض ڪئي وئي.صوفي شاعر لاءِ محبت فرض واري حيثيت رکي ٿي. محبت کان سواءِ ڪو به شاعر ئي نٿو ٿي سگهي. سچل سائين، صوفي شاعر آهي، جنهن جو رتبو اچا ئي مٿانهون آهي.

صورت ملک وبشر گرچ حسن حور وپری

کی برابری کنم ای دوست بایک موی تو۔(21)

سچل سائينءَ جو هيءُ شعر، پنهنجي محبوب لاءِ انتهائي پيار جي نشاني آهي. دوست سان مخاطب ٿي فرمائي ٿو ته، اي دوست! فرشتي جي صورت ۽ حور پريءَ جو حسن، مان تنهنجي هڪ وار برابر به نه ٿو سمجهان. هر انسان کي پنهنجو محبوب پيارو ٿيندو آهي ۽ ان جي مٽ هُو ڪنهن به خوبصورت شيءِ کي نه سمجهندو آهي. هن شعر ۾ به سچل سائينءَ اهڙو ئي اظهار ڪيو آهي.

آباد کشور دل ہست از محبت او

ہر گز خیال نہ بود بر مملکت شہانی۔(22)

صوفي شاعرن جي محبت جو محور هي مادي دنيا نه آهي. هُو، هن دنيا کي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڊاڪٽر ياڻي جي طور تي استعمال ڪندا آهن. سچل سائينءَ جي هن شعر جو مفهوم به اهو ئي ڪجھ ٻڌائي ٿو ته، منهنجي دل جو ملڪ ُهن جي محبت جي ڪري آباد آهي. هن ظاهري ۽ دنيوي بادشاهيءَ ڏي منهنجو ڪوئي ڌيان نه آهي. سچل سائينءَ جھڙن صوفي شاعرن جي محبت پنهنجي حقيقي رب سان هوندي آهي. ُان مالڪ جي محبت سان سندن دل آباد آهي ۽ پنهنجو مولا کين سدائين ياد آهي.

سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ پيار ۽ محبت جي جذبي واري ڪيفيت جي حوالي سان سوين شعر موجود آهن، پر اختصار کان ڪم وٺندي، سندس شاعريءَ مان ڪجھ مثال ڏنا ويا آهن. پيار ۽ محبت، هڪ پاڪ جذبو آهي، جيڪو انسان جي فطرت سان لاڳو آهي. ڪو به انسان، پيار ۽ محبت جي جذبي کان سواءِ زندھ رهي نٿو سگھي. محبت جا ڪيئي روپ آهن. محبت، انسان جي انسان سان به ٿي سگھي ٿي، قومي وحدت ۽ قومي ورثي سان به ٿي سگھي ٿي، زندگيءَ جي ڪنهن مقصد سان به ٿي سگھي ٿي، پنهنجو پاڻ سان به ٿي سگھي ٿي، ڪنهن عظيم شخصيت سان به ٿي سگھي ٿي ۽ محبت، پنهنجي خالق ۽ مالڪ سان به ٿي سگھي ٿي. محبت جا ڪي جذبا شخصي ٿيندا آهن ۽ ڪي اجتماعي. صوفي شاعرن جي محبت جو مرڪز حقيقي رب آهي، ُهو ان سان ئي حقيقي محبت ڪندا آهن. ُهنن وٽ مثال ته دنيا جا هوندا آهن، پر سندن تصور ۾ حقيقي مالڪ هوندو آهي. محبت جي سچائيءَ جي حواليءَ سان، سچل سرمست پنهنجي شاعريءَ ۾ انيڪ مثال پيش ڪيا آهن. محبت جا ڪيئي رنگ، روپ ۽ منظر ٿين ٿا، جن کي سچل سائينءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيو آهي.

## حاصل مقصد:

سچل سائينءَ جي شاعريءَ ۾، پيار ۽ محبت جي جذبي واري ڪيفيت ۾، محبت جي پوترتا، محبت جي سچي مقصد، محبت جو پنهنجو پاڻ ٿيڻ، محبت جو هولي مچائڻ وارو منظر، محبت لاءِ هزارين رپيا خرچ ڪرڻ سان به نه ملڻ، محبت کان پوءِ سڀ ڪجھ وسري وڃڻ، محبت واري جاءِ تان لاهوتين جو لنگھڻ، محبت جو سيني ۾ مچ ٻارڻ، مردن جو ئي محبت جي ميدان ۾ اچڻ، محبت کان سواءِ هر ڳالھ گمراهي هجڻ ۽ قيامت جي ڏينهن محبت کان سواءِ ٻيو ڪجھ نه پڇڻ وارا احساس شامل آهن. پيار ۽ محبت جي جذبي واري ڪيفيت ۾، سچل سائينءَ شعرن ذريعي، خوبصورت

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

احساس پيش ڪيا آهن، جن ڪي هنئين سان هندائڻ سان هي معاشرو خوبصورت بڻجي سگهي ٿو.

## حوالا


1. بلوچ، عبدالستار: سنڌيڪا لغت، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، سنڌ 2006ع، صفحو 245.
2. مرزا، علي قلي، بيگ: رسالو ميان سچل فقير جو (پاڳو پهريون)، ماسٽر هري سنگهه، بڪ سيلر، نؤن سکر، 1902ع، ص 83.
3. ايضا ً، ص 135
4. ايضا ً، ص 152
5. ايضا ً، ص 218
6. ايضا ً، ص 307
7. ايضا ً، ص 308
8. ايضا ً، ص 319
9. مرزا، علي قلي، بيگ: رسالو ميان سچل فقير جو (پاڱو ٻيون)، ماسٽر هري سنگهه، بڪ سيلر، نؤن سکر، 1903ع. ص 83.
10. ايضا ً، ص 85
11. ايضا ً، ص 131
12. راڻيپوري، محمد صادق، مولانا، حڪيم: سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ٻيون ڇاپو، 1982ع، ص 28.
13. ايضا ً، ص 47
14. ايضا ً، ص 237
15. مهر خادم: سچل سرمست دا اردو ڪلام، سرائڪي ادبي مجلس، بهاولپور، 2005ع ص 58.
16. قاضي، علي اڪبر، درازي: ديوان آشڪار، (جلد اول)، محڪمه اوقاف، حيدرآباد، سنڌ، نومبر 1981ع، ص 34.
17. ايضا ً، ص 55
18. ايضا ً، ص 64
19. ايضا ً، ص 91
20. ايضا ً، ص 158
21. قاضي، علي اڪبر، درازي: ديوان آشڪار، (جلد دوم)، محڪمه اوقاف، حيدرآباد، سنڌ، نومبر، 1982ع، ص 83.
22. ايضا ً، ص 128.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair